SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1980

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE MEHRAN UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1977 جي ايڪٽ IV جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Act IV of 1977

3. 1977 جي ايڪٽ IV جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of Section 13 of Act IV of 1977

4. 1977 جي ايڪٽ IV جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Act IV of 1977

5. 1977 جي ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Act IV of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1980

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE MEHRAN UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[21 جون 1980]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو ويڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1977 جي ايڪٽ IV جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Act IV of 1977

2. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو)، ان جي دفعہ 3 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) هتي هڪ يونيورسٽي هوندي، جنهن کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشورو سڏيو ويندو:

بشرطيڪ نوابشاهہ ۾ هڪ انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو ڪاليج هوندو جنهن کي هن کانپوءِ يونيورسٽي ڪاليج سڏيو ويندو ۽ ان جا انتظام ۽ سار سنيال يونيورسٽي جي هٿ هيٺ هوندي."

1977 جي ايڪٽ IV جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of Section 13 of Act IV of 1977

3. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (viii) ۾، لفظ "ڪاليجز" ۽ لفظ "ڏانهن" وچ ۾ لفظ "۽ يونيورسٽي ڪاليج" وڌا ويندا.

4. چاٹايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iv) ۾ لفظ "هڪ" کان اڳ لفظ "يونيورسٽي ڪاليج جو پرنسپال ۽" وڌا ويندا.	1977 جي ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم Amendment of Section 15 of Act IV of 1977
5. چاٹايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (v) ۾ سيمي ڪالن کان اڳ ۾ لفظ "۽ يونيورسٽي ڪاليج جو پرنسپال" وڌا ويندا.	1977 جي ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم Amendment of Section 17 of Act IV of 1977
نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	